# عشقِ حبيب ﷺ

اَلْحَمْدُ للهِ الْحَلِيمِ الْحَكِيْمِ رَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ
وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلَيٰ نَبِيِّنَا مَحَمَّدٍ صَاحِبِ الْخُلُقِ الْعَظِيمِ
وَعَلَيٰ آلِه وَصَحْبِهِ وَالتَّابَعِينِ اَمَّا بَعْدُ
فَاَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيطَانِ الرَّجِيمِ * بِسْمِ اللهِ الرَّحْمَانِ الرَّحِيمِ
قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّونَ اللَّهَ فَاتَّبِعُونِي يُحْبِبْكُمُ اللَّهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ
ذُنُوبَكُمْ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ صَدَقَ اللهُ الْعَظِيم (آل عمران: 31)

درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**مسلمان پائرو!** الله ڪريم جا ڪروڙين ڪرم لکين لطف ۽ اڻ ڳڻيا احسان ۽ ٿورا جنهن اسان کي سهڻي سردار مدني مختار اڙين جي آڌار يتيمن جي يار مٺي محمد مختار ﷺ جو امتي بنايو.

ان سهڻي حبيب جِي حُب عشقُ ۽ اُلفت مؤمنن مٿان فرض ڪئي وئي آهي ان آقا جي محبت نجات جو ذريعو آهي. اها محبت دين آهي بلڪ دين جو روح آهي. اگر ڪا دل محبوب جي محبت کان خالي آهي ته ان ۾ ڪا ڀلائي ناهي.

عشقِ حبيب ملي ويو ته دنيا عقبيٰ جا خزانا ملي ويا.

محبوب جي محبت جنهن جو سرمايو آهي . بحر ۽ بر سڀ انهن جي خدمت ۾ آهن .



بخاري ۽ مسلم ۾ حديث آهي حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته:

لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتَّىٰ اَكُونَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَالِدِهِ وَوَلَدِهِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِينَ

اوهان مان ڪوبه ماڻهو تيستائين مؤمن نه ٿو ٿي سگهي جيستائين مان ان کي ان جي ابي امان کان اولاد کان ۽ سڀ ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نه لڳان.

مُسند احمد ۾ روايت آهي ته حضرت عمر فاروق رضي الله عنه رسول الله ﷺ کي عرض ڪيو ته يارسول الله اوهان مون کي هر چيز کان پيارا آهيو سواءِ منهنجي جان جي جيڪا منهنجي ٻن پاسن جي وچم ۾ آهي. پاڻ فرمايائون:

لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتَّىٰ اَكُونَ عِنْدَهُ اَحَبُّ اِلَيْهِ مِنْ نَفْسِهِ

اوهان مان ڪوبه ايستائين مؤمن نه آهي جيستائين مان ان کي ان جي جان کان به پيارو لڳان. حضرت عمر عرض ڪيو ته :

وَاللَّهِ اَحَبُّ اِلَيَّ مِنْ نَفْسِي

الله جو قسم اوهان مون کي منهنجي جان کان به پيارا آهيو. پاڻ فرمايائون

اَلْآنَ يَا عُمَرُ "اي عمر هاڻي".

يعني اي عمر هاڻي تون سچو مؤمن آهين جڏهن پنهنجي جان کان وڌيڪ مون کي پيارو رکين.

درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

بخاري ۽ مسلم ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو محبوبن ڪريمن وٽ آيو. عرض ڪيائين يارسول الله قيامت ڪڏهن قائم ٿيندي؟ پاڻ فرمايائون تو ان لاءِ ڇا تيار ڪيو آهي؟ عرض ڪيائين مون ان لاءِ گهڻيون نمازون روزا ۽ گهڻا صدقا ڪونه ڪيا آهن

پر هڪ ڳالھ آهي جو مان الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان محبت رکان ٿو. پاڻ فرمايائون: اَنْتَ مَعَ مَنْ اَحْبَبْتَ

تون ان سان گڏ هوندين جنهن سان تنهنجي محبت آهي.

حضرت انس رضي الله عنه چيو ته رسول الله ﷺ فرمايو ته:

مَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ

جنهن مون سان محبت رکي ته اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(سبل الهدي والرشاد ج 11 ص 430)

درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

امام بيهقي روايت بيان فرمائي ته احد جي جنگ ۾ انصارن جي هڪ عورت رسول الله ﷺ جي تلاش ۾ آئي. ان جو پيءُ ان جو ڀاءُ ۽ ان جو مڙس مارجي چڪا هئا ماڻهن سمجهيو شايد پنهنجي عزيزن جي ڳولا ۾ آهي. چيائين منهنجو محبوب ڪهڙي حال ۾ آهي؟ چيائون الله جي فضل سان خيريت سان آهي. جيئن تون چاهين ٿي. چيائين مون کي محبوبن جو ديدار ڪرايو. جڏهن محبوب ڪريم ﷺ کي ڏٺائين ته چوڻ لڳي:

كُلُّ مُصِيبَةٍ بَعْـدَكَ جَلَلٌ

توهان کان پوءِ هر مصيبت سولي آهي.

سسئيءَ جي سريءَ سين ڪيچ ڏٺي ڪانڌي
لَڪَن تان لطيف چئي آرياڻي آندي
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي مُند هئي ماندي
پنهون پيراندي نماڻيءَ نصيب ٿئي



درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

ڪتاب الزهد ۾ حضرت ابن المبارڪ لکن ٿا ته هڪ رات حضرت عمر فاروق رضي الله عنه مديني جي گهٽين ۾ پهرو ڏئي رهيا ته هڪ گهر ۾ ڏيئو ٽمڪي رهيو هيو. ٻڍڙي عورت اُن اُٺي رهي هئي ۽ محبوبن ڪريمن ﷺ جي محبت ۾ غزل پڙهي رهي هئي. امير المؤمنين عمر فاروق رضي الله عنه ٻاهران ويهي رهيا ان جا فراق جا شعر ٻڌندا رهيا ۽ روئندا رهيا.

ڪنهن عشق واري چيو آهي ته:

منهنجا محبوب تو سان دل اڙي آ
وئي سورن اندر ۾ سا سڙي آ
منهنجا محبوب لهي وڃ يادگيري
روئي روئي منهنجي ٿي وئي آ پيري
روئي روئي ٿيا ٿم حال هيٺا
نہ ڪن ٿيون ڪو اثر ڦڪيون ۽ ڦيٽا
وري ڦيرو ڪندين منڙا ڪڏهن تون
مَ کَهِہ مسڪهِ جي ايندين ڪڏهن تون
ڪڏهن ٿيندا اهي ڏينهڙا ملڻ جا
اکيون عيدون ڪنديون مدني ڏسڻ سان

درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**دوستو!** عشق عجيب شيءِ آهي. عاشق کي جڏهن پنهنجي محبوب جي ياد اچي ٿي ته بي اختيار ان جون اکيون وهي پون ٿيون ۽ پڪاري ٿو: حضرت پير زينل سائين رحمت الله عليه نورائي شريف وارا عشقِ حبيب ۾ پڪارن ٿا.

اج بہ آڏيءَ رات جو مون کي سهڻو سرور ياد پيو
ننڍ نيڻن جي ڦِٽي مون کي هوت هر هر ياد پيو
❖ عشق ٻارڻ ٻاريا مون تہ ماڳ مديني جا ساريا
گهوڙا هتي ڪيئن گهاريان مون کي گهوٽ گوهر ياد پيو
❖عشقَ اُڌما ٿا اچن منهنجا جوش ۾ جيرا جلن
سنڌ ۾ سڪايل ڪيئن سمهن جن کي محراب منبر ياد پيو

درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ آلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

مدني محبوب جي ذات پاڪ کي هر ناتي رشتي کان وڌيڪ پيارو رکڻ جو درس الله پاڪ پنهنجي قرآن ۾ ڏنو آهي. الله ڪريم ارشاد فرمايو تہ:

قُلْ اِنْ كَانَ آبَاؤُكُمْ وَاَبْنَاؤُكُمْ وَ اِخْوَانُكُمْ وَ اَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيرَتُكُمْ وَ اَمْوَالُ اقْتَرَفْتُمُوهَا وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسَاكِنُ تَرْضَوْنَهَا اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِنْ اللَّهِ وَرَسُولِهِ وَجِهَادٍ فِي سَبِيلِهِ فَتَرَبَّصُوا حَتَّىٰ يَأْتِيَ اللَّهُ بِأَمْرِهِ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفَاسِقِينَ (توبه: 24)

اي حبيب تون فرماءِ تہ اگر اوهان جا پيئر ۽ اوهان جا پٽ ۽ اوهان جا ڀائر ۽ اوهان جون زالون ۽ اوهان جا مائٽ توهان جو ڪمايل مال ۽ توهان جو اهو واپار جنهن جي نقصان جو توهان کي انديشو آهي توهان جي پسنديده رهائش گاهون اهي سڀ شيون اگر اوهان کي الله ۽ ان جي رسول کان ۽ الله جي راه ۾ جهاد کان وڌيڪ پياريون آهن تہ توهان الله جي حڪم (عذاب) جو انتظار ڪيو. الله نافرمانن کي هدايت نہ ٿو ڏئي.

**دوستو !** هن آيت ۾ الله پاڪ سڀ انهن شين کي ڳڻي ٻڌايو آهي جن سان انسان دنيا ۾ محبت رکندو آهي. رب فرمائي ٿو تہ انهن سڀ شين کان اگر



پياري ڳالهہ رکو تہ الله کي ۽ ان جي حبيب کي پيارو رکو يا الله جي راه ۾ سرڪٽائڻ جهاد ڪرڻ کي پيارو رکو. اگر اوهان الله ۽ ان جي حبيب کان انهن شين کي وڌيڪ پيارو رکيو تہ پوءِ الله جي عذاب جو انتظار ڪري ويهو.

درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ آلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

حضرت صهيب جڏهن مٺي محمد ڪريم ﷺ تي ايمان آندو تہ ڪيس طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون ويون. جڏهن هجرت جو حڪم مليو تہ صهيب سهڻو مڪي کي ڇڏي مديني ڏانهن هجرت ڪري هلڻ لڳو. جڏهن ڪافرن کي ڪل پئي تہ اهي ڪيس روڪڻ لاءِ آيا تہ مديني نہ وڃ. پاڻ فرمايائون اي مڪي وارؤ اوهان کي خبر آهي تہ مڪي ۾ مان مشهور تيزانداز آهيان اگر اوهان مون کي مديني کان روڪيندؤ تہ اوهان کي تير هڻندس ۽ منهنجو ڪو تير ڪونہ گسندو آهي. جڏهن منهنجا تير کپي ويا اوهان منهنجي قريب اچي ويا تہ اوهان سان تلوار سان جنگ ڪندس پوءِ مران يا بچان. اگر اوهان مون سان سودو ڪيو تہ اوهان سان سودو ڪندس مڪي ۾ منهنجو جيڪي بہ مال آهي ٻانهيون آهن اهي سڀ اوهان کي ٿو ڏيان. صرف مون کي ڇڏيو تہ مان وڃي پنهنجي پياري پنهل سان گڏ رهان. ڪافرن ڏٺو تہ هي مڙندو ائين ڪونہ سو ان کي چيائون مال سڀ اسان کي ڏي تون ڀلي مديني هليو وڃ. پوءِ پنهنجو سارو مال ڪافرن جي حوالي ڪري پاڻ مديني پاڪ پهتو تہ سندس شان ۾ هيءَ آيت پاڪ نازل ٿي. رب فرمايو:

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَشْرِي نَفْسَهُ ابْتِغَاءَمَرْضَاةِ اللَّهِ وَاللَّهُ رَءُوفٌ بِالْعِبَادِ

۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو بہ آهي جيڪو الله جي راضي ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان خريد ڪري وٺي ٿو ۽ الله پنهنجي ٻانهن مٿان وڏو مهربان آهي. (البقره: 207)

سهڻا حبيب ڪريم ﷺ ان مهل قباءَ ۾ ويٺل هئا. صهيب کي ڏسندي فرمايائون : اي صهيب تنهنجو واپار نفعي وارو ٿيو.

حضرت صهيب چيو تہ ان مهل سهڻا حبيب ڪريم ﷺ کجور کائي رهيا هئا. مان بہ ساڻن کائڻ ويٺس. منهنجي هڪ اک ۾ سور بہ هيو. پاڻ فرمايائون اک ۾ بہ سور اٿئي کجور بہ کائين ٿو. مون عرض ڪيو محبوب ان طرف کان ٿو کاوان جنهن اک ۾ سور نہ آهي. منهنجو اهو جواب ٻڌي پاڻ ڪريم مسڪرايا. سبحان الله هي عشق مصطفيٰ آهي جو هر چيز قربان ڪري محبوب جي غلامي کي قبول ڪيائون.

پلي ڪر ٿيوم سڱ ٻاروچن سين،
وچي ڪيچ ڏنوم پٺي لڳي جن جي،

درود پڙهو : **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ آلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**

**دوستو !** جنهن سهڻي حبيب ﷺ سان لنؤ لاتي آهي اهو پنهنجي جان مال لٽائي سگهي ٿو پر محبوب جي غلامي نہ ٿو ڇڏي سگهي .

غزل

منهنجي محبوب کي ڏنو جن هڪ واري آ،
تڙپندو سوئي سڄڻ لاءِ عمر ساري آ،
ڪوئي آ ڪليم الله ڪوئي آ خليل الله،
ذات سيني ۾ محمد جي پلاري آ،
منهنجي محبوب جي ملڪ مديني جهڙو،
مٽ نہ آ ملڪ ٻيو توڙي دنيا ساري آ.

درود پڙهو : **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ آلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**



طبقات ابن سعد ۾ آهي تہ: هڪ ڀيري حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله عنہ جي نظر حضرت خَبَّاب ؓ بن الارت رضي الله عنہ جي پٺيءَ تي پيئي. جيڪا ساري زخمن جي نشانن واري هئي. حضرت عمر چيو تہ اي خباب تنهنجي پٺيءَ تي هي ڇاجا نشان آهن؟ خباب چيو تہ اي عمر اهي نشان ان وقت جا آهن جڏهن تو اڃا ڪلمو ئي ڪونہ پڙهيو هيو. جڏهن تون ننگي تلوار کنيون محبوبن کي شهيد ڪرڻ لاءِ پيو هلئين مان ان وقت مسلمان هيس. ان وقت مڪي جا ڪافر مون کي باهہ جي ٻرندڙ ٽانڊن مٿان سمهاري ڇڏيندا هئا. منهنجي جسم جي ڪل سڙندي هئي جسم جي چربي پگهرجي پوندي هئي جنهن سان ٽانڊا اجهامي پوندا هئا. مان بي هوش ٿي پوندو هيس. ڪعبي جي رب جو قسم جڏهن منهنجي اک کلندي هئي تہ سڀ کان اول منهنجي زبان مان نڪرندو هيو.

**لا الــٰہ الا الله محمد رسول الله**

حضرت عمر جڏهن خباب جو اهو داستان ٻڌو تہ فاروق اعظم جي اکين مان لڙڪ وهي پيا. فرمايائون اي خباب پٺيءَ تان قميص هٽاءِ تہ مان تنهنجي پٺيءَ جي زيارت ڪيان. جيڪا رسول الله جي عشق ۾ باهہ ۾ جلائي وئي.

ڪنڌا مون پيرن ۾ توڙي لک لڳن
اڳر اڱوني نہ ٻڇي توڙي ڇپون پير ڇنن
ويندي ڏانهن پرين جتي ذات نہ پائيان
(وائي) ٻيو سارو لوڪ وو مَ ٽي هڪ ميهر شال نہ مٽي.
ڪاريون اکيون ڪجليون وڄنديون گهور وو گهُٽي.
اديون شاهہ لطيف چئي آهيان ڏينهن وو ٻٽي.

درود پڑھو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ آلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**دوستو!** الحمد لله اڄ اسان مسلمان آهيون ڪلمو بہ پڙهون ٿا. گھٽي ۾ گهڻي ياڳي نماز بہ پڙهون ٿا. پر پيائرو اصل آهي محبوب جي محبت عبادت جو ذوق لطف ۽ سرور بہ تڏهن آهي جڏهن من محبتِ رسول سان ڀرپور هجي.

محبت کا جنوں باقی نہیں ہے
مسلمانوں میں خوں باقی نہیں ہے
صفیں کج دل پریشاں سجدے بے وق
جبکہ ب اندروں باقی نہیں ہے
بجھی عشق کی آگ اندھیر ہے
مسلماں نہیں راکھ دکا ڈھیر ہے

درود پڑھو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ آلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

احد واري جنگ جاري هئي. ڪافرن منهنجي سهڻي سرار مدني منٺار تي حملو ڪيو. حضرت زياد بن سڪن ڪجھ انصاري اصحابن سان گڏ پاڪ پيغمبر جي قريب آيو. هڪ هڪ ٿيندا شهادت ماڻيندا ويا. پنهنجا جسم رتو رت ڪندا ويا پر پياري پنهل کي تڪليف پهچڻ نہ ڏنائون.

حضرت زياد بن سڪن بہ زخمي ٿي زمين تي هيٺ ڪريو. پر سندس تمنا هئي تہ آخري وقت ۾ محبوب جو دل کولي ديدار ڪيان. محبوب قريب آيا تہ هي بہ رڙهندو دلبر محبوب جي قريب آيو. پنهنجو سر محبوب جي پاڪ پيرن تي رکيائين ۽ چوڻ لڳو:

**فُزْتُ بِرَبِّ الْكَعْبَةِ** ڪعبي جي رب جو قسم منهنجي مراد پوري ٿي وئي. مان ڪامياب ٿي ويس جو اڄ پاڪ پيغمبر جي قدمن ۾ جان قربان



ٿي رهي آهي.

ڪنهن عاشق چيو آهي تہ:

یار دا ہر مد را ما لے یار دے کول آئے
محبوب دی مرضی اے گل لاوے یا ٹھکراوے
جہ ب ی دی نہیں خواہش اے میرے مدا مینوں
محبوب دے قدماں تیری جاں نکل جاوے
ل کو انہاں نوں سمجھاوے آپ جیہا آکھن اونوں
جہ مدیاں کالیاں لفاری رب آپ قسم چاوے

درود پڑھو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ آلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**پيائرو!** عشق حبيب جي خبر تہ ڪير بلال کان پڇي جنهن کي اُميہ بن خلف طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون. هزار ڏک ڏنا پر سبحان الله بلال احد احد جا نعرا پيو هڻيا.

مدارج النبوة ۾ آهي تہ جڏهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ دنيا کان پردو فرمايو تہ بلال بيتاب ۽ بي قرار مديني جي گلين ۾ هيڏي هوڏي محبوب جي درشن جي لاءِ بيقرار روئي رهيو آ.

اگڻ ساڳيا سڀ پر جانب پسان نہ جوءِ ۾.

ماڻهن کي چوي تہ ادا اوهان منهنجو محبوب ڪٿي ڏٺو؟ مون کي ٻڌايو منهنجو آقا ڪٿي آهي؟ ان غم ۾ مدينو ڇڏي ملڪ شام جي ڪنهن شهر ۾ وڃي رهيو. سال پورو روئندي گذري ويو. هڪ رات خواب ۾ سهڻي سردار مدني تاجدار ﷺ جو ديدار ٿيس . پاڻ فرمايائون اي بلال هي ڪهڙي جدائي آهي. ڇا اسان جي ملڻ لاءِ تنهنجي دل نہ ٿي گهري! بلال

جيئن سجاڳ ٿيو لبيڪ يارسول الله چئي رات جو ئي ڏاچيءَ تي سوار ٿي مدينه منوره هليو. رات ڏينهن سفر ڪندي مديني پاڪ پهتو. جڏهن مديني جي ماڻهن کي خبر پئي ته بلال بانگو آيو آهي ته هر طرف شور برپا ٿي ويو. ننڍڙا ٻار پنهنجي امڙين کان پڇڻ لڳا ته محبوب جو بانگو بلال آيو آهي. باقي سهڻا حبيب ﷺ ڪيڏي مهل ديدار ڪرائيندا.

اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نه ڪن
سندي سڪ پرين لوڪ ڏٺي نه لهي

بلال سڌو مسجد نبوي ۾ آيو. مگر محبوب کي ظاهري طرح نه ڏٺائين حجرن ۾ تلاش ڪيائين محبوب اتي نه نظر آيا. پوءِ محبوبن جي مزار انور تي آيو روئي روئي عرض ڪيائين : يارسول الله ملڪ شام مان مون کي گهرايوَ جڏهن پهتس ته توهان پردي ۾ آهيو. ائين چوندو روئندو رهيو.

جيهي جا تيهي ٻانهي ٻاروچن جي
حجت هوت پنهل سين مون ڪميڻيءَ ڪيهي
اصل آريءَ ڄام جي پلئه آئون پيئي
هو جا پائن پير ۾ تنهن جُتيءَ ناجيهي
وساري ويهي ڪيچين کي ڪيئن رهان

مديني جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا عرض ڪرڻ لڳا اي بلال اڄ اها بانگ ٻڌاءِ جيڪا محبوبن ڪريمن اڳيان چوندو هئين. بلال چيو اڄ اها بانگ چئي نه سگهندس ڇو ته جڏهن بانگ ۾ چوندو هيس. اشهد ان محمد رسول الله ته منهنجا مٺا محبوب منهنجي اکين اڳيان هوندا هئا. هاڻي ٻڌايو ته ڪنهن کي ڏسي بانگ چوان. صحابي عرض ڪندا رهيا. بلال انڪار



ڪندو رهيو. صحابن صلاح ڪئي ته بلال ائين بانگ نه چوندو وڃو حسنين ڪريمين کي وٺي اچو اهي بلال کي چوندا ته پوءِ بلال انڪار ڪونه ڪندو. ڇو ته بلال کي اهل بيت رسول سان عشق آهي. حضرت حسن ۽ حسين کي گهرايو ويو. بلال پيار وچان شهزادن کي چمڻ لڳو. شهزادن چيو ته اي بلال اڄ اسان کي اها بانگ ٻڌاءِ جيڪا نانا سائينءَ جي اڳيان پڙهندو هئين. حضرت بلال شهزادن کي پيار منجهان چوڻ لڳو مان اوهان جي فرمائش ڪيئن رد ڪيان؟ توهان جتي چئو مان اتي بيهي بانگ چوان. حضرت بلال کي مسجد نبوي جي ڇت تي وٺي آيا. اتي بيهي بانگ چؤ.. عشق ۽ محبت جي متوالي بلال ، محبوب جي پرواني بلال .. جي بانگ جا لفظ الله اڪبر الله اڪبر مديني جي فضائن ۾ گونجڻ لڳا ته ماڻهن کي محبوب عربي ﷺ جو وقت ياد اچي ويو. ماڻهو گهرن مان نڪري پيا. پرديدار عورتون ٻاهر نڪري آيون. ننڍڙا ٻار نڪري آيا ڪي جاين جي ڇتن تي چڙهي پيا هر طرف آهون ۽ سُڏڪا هيا. روڄ ۽ راڙو هيو.

جڏهن پئي ياد صحبت سپرين جي
فريادون فرياد ناگهه ويون نڪري
عاشق کي ان جاءِ تي ويو ڪيف چڙهي
ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون ڳوڙها پيس ڳڙي
ڪا جا انگ اڙي جيئن ڇتا ڦٽ ڇڙي پيا

اڄ عرصي کان پوءِ جڏهن مديني جي ماڻهن بلال جو درد ۽ سوز پريو آواز ٻڌو ته هر طرف آهون ۽ روڄ شروع ٿي ويو. ننڍڙا ٻار پنهنجي امڙين کان پڇڻ لڳا ته امان محبوب جو بانگو بلال ته آيو باقي اسانجا هوت حضور

دلين جا سرور اکين جا نور محبوب ڪريم ڪڏهن ايندا ؟؟؟
جڏهن بلال اشهد ان محمد رسول الله چيو تہ هڪ پل ۾ هزار آهون نڪتيون بلالُ فراقِ رسول ۾ دانهن ڪري ڪريو بي هوش ٿي ويو.

وينجي ٻاريم ٻانگ سين ڪوڙئين اچ قنديل
هئہ هئہ هنجون هاريان منجهان سڪ سبيل
متان مون کي چڏئين آري ڄام اصيل
آهر تو اصيل ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا

بلال بي هوش ٿي ويو هر طرف هڪ عجيب شور برپا ٿي ويو. محبوب جي محبت ۾ هر اک اشڪبار ٿي وئي. (مدارج النبوة ص 236 ج 2)

درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**پيارو!** محبت پنهنجي نشانين سان سڃاتي ويندي آهي. محبت وارا ماڻهو پري کان پڌرا هوندا آهن. ڇو تہ انهن کي هر وقت تارتنوار پنهنجي يار جي لڳل هوندي آهي. انهن جي خيال ۾ زبان ۾ پنهنجي پنهل جي پچار هوندي آهي. مَنْ اَحَبَّ شَيئًا فَاَكْثَرَ ذِكْرَهُ
جو جنهن سان محبت رکندو آهي ان کي گهڻو ياد ڪندو آهي.
ٻيو محبت وارو پنهنجي محبوب جو فرمانبردار هوندو آهي. جيڪو محبوب جو حڪم نہ مڃي تہ اهو ڪهڙو عاشق چئبو؟

تَعْصِي الْحَبِيبَ وَاَنْتَ تُظْهِرُ حُبَّهُ * هَذَا لَعَمْرِي فِي الْفِعَالِ بَدِيعُ
لَو كَانَ حُبُّكَ صَادِقًا لَاَطَعْتَهُ * فَاِنَّ الْمُحِبَّ لِمَنْ يُّحِبُّ مُطِيعُ

تون محبوب جي محبت جي دعويٰ بہ ڪرين ۽ ان جي بي فرماني بہ ڪرين تنهنجي اها محبت عجيب آهي. اگر تنهنجي محبت سچي هجي ها تہ



ضرور فرمانبرداري ڪرين ها. ڇو تہ عاشق پنهنجي محبوب جو مطيع هوندو آهي عاشق جو ڪم آ تہ اهڙو ڪم ڪري جنهن ۾ محبوب راضي ٿئي. اهڙو ڪم نہ ڪري جنهن ۾ محبوب ناراض ٿيندو هجي.
**پيارو!** سچ ٻڌايو تہ نماز نہ پڙهڻ واري تي محبوب راضي ٿيندا يا ناراض. ٻڌايو جيڪو ڏاڙهي ڪوڙائي، چوريون ۽ زوريون ڪري. شراب پيئي نشا واپرائي ان تي محبوب راضي ٿيندا يا ناراض؟
او محبوب جا مستانئو ديوانئو اوهان اهڙا ڪم اصل نہ ڪيو جنهن سان پيارو پنهل ناراض ٿي پوي. محبوب جي هر ادا ۽ هر سنت تي عمل ڪيو تہ محبوب راضي ٿين. محبوب جي محبت جي نشانين مان هيءَ بہ هڪ نشاني آهي جو جنهن ڳالهہ کي محبوب پسند نہ ٿو ڪري اها ٿوهہ کان ڪڙي لڳي، نہ ڪہ ماکيءَ وانگر مٺو سمجهي چٽيندو رهي.
ترمذي روايت ڪئي تہ حضرت انس رضي الله عنہ چيو تہ مون کي رسول الله ﷺ فرمايو تہ: اي پٽڙا اگر تو کان ٿي سگهي تہ صبح ۽ شام ان حال ۾ ڪر جو تنهنجي دل ۾ ڪنهن لاءِ کوٽ نہ هجي. اها منهنجي سنت آهي

وَمَنْ اَحْيَا سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ

۽ جنهن بہ منهنجي سنت کي جياريو تہ ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو مون سان گڏ جنت ۾ هوندو.

درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**دوستو!** محبت جي نشانين مان هيءَ بہ نشاني آهي جو محبوبن جي ملڻ جو شوق هجي محبوب جي ديدار جو ذوق هجي. دل ۾ تانگهہ ۽ طلب اها هجي تہ ڪڏهن محبوب جي مکڙي جو ديدار ٿيندو؟ جڏهن حضرت بلال جي وصال جو ويلو ويجهو آيو تہ سندس گهر واري آئي چوڻ لڳي تہ وَاحُزْنَاهُ هاءِ غم تہ

بلال فرمايو تہ : وَا فَرْحَتَاهُ غَداً اَلقَي مُحَمَّداً وَاَصْحَابَهُ

واه خوشي سڀاڻي محبوب ۽ ان جي اصحابن سان ملاقات ٿيندي.

الله ڪريم شال اسان سڀني کي سھڻي سردار جي سچي سڪ الفت اڪير عطا ڪري. آمين..

وَمَا عَلَينَا اِلاَّ البَلاَغُ المُبِين